SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1984

سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH REQUISITIONING OF IMMOVABLE PROPERTY (TEMPORARY POWERS) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1956 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ VII جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of West Pakistan Act VII of 1956

3. 1956 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ VII جي دفعه 6_A جي ترميم

Amendment of Section 6_A of West Pakistan Act VII of 1956

سنڌ آرڊيننس نمبر XI مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.XI OF 1984

سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH REQUISITIONING OF IMMOVABLE PROPERTY (TEMPORARY POWERS) (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[10 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر

هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1956 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ VII جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of West Pakistan Act VII of 1956

2. سنڌ غير متحرڪ ملڪيت جي طلبي (عارضي اختيار) ايڪٽ، 1956 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به چاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 6 ۾:

(i) ذيلي دفعه (2) ۾، لفظن "يا رقم ۾ ساليانو 6 سيڪڙو جو اضافو" کي لفظن "ساليانه رقم ۾" سان متبادل بڻايو ويندو؛

(ii) ذيلي دفعه (2) کانپوءِ، هيٺيون نئون ذيلي دفعه شامل ڪيو ويندو:

"(2_A) هن دفعه تحت طئي ڪيل معاوضو ساڻي يا انهيءَ هنڌ تي ساڻي حالت ۾ واقع ساڻين عمارتن جي پاڙي کان گهٽ نه هوندو."

1956 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ VII جي دفعه 6_A جي ترميم

Amendment of Section 6_A of

3. چاڻايل ايڪٽ ۾ دفعه 6 کانپوءِ هيٺيون نئون ذيلي دفعه شامل ڪيو ويندو:

(معاوضي ۾ واڌ)

"(1)6_A صوبائي حڪومت، مالڪ جي درخواست تي ذيلي دفعه 6 تحت واجب الادا معاوضو نين ٽيڪسن کي نظر ۾

West Pakistan Act VII of 1956

رکندي وڃائي سگھي ٿي، جيڪڏهن ڪي هجن، معاوضو ۽ عمارت جو ساليانو ملهه طئي ڪرڻ لاءِ، جيڪڏهن ڪو هجي، جنهن تي ٽيڪس لڳائي وئي آهي:

بشرطيڪ معاوضو طئي ڪرڻ واري تاريخ کان ٽن سالن جي عرصي تائين معاوضي ۾ ڪا بہ واڌ نہ ڪئي ويندي.

(2) معاوضي ۾ واڌ ڪنهن بہ صورت ۾ ساليانو 10 سيڪڙو کان وڌيڪ نہ هئڻ گهرجي."

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.